# ٻارن لاء بائبل

## تحفو

# حزقي ايل: خوابن وارو ماڻهو




لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Ruth Klassen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan



ڇاپيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org



©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي، جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.




گهڻو وقت اڳ، طاقتور لشڪرن يهوداه تي حملو ڪيو، خُدا جي ڪيترن ئي ماڻهن کي واپس بابل ڏانهن قيد ڪيو. گهر کان پري، اهي يهودي ڪبار درياء جي ڪناري تي رهندا هئا. انهن مان هڪڙو خُدا جو خادم، نبي حزقي ايل هو.



هڪ ڏينهن، خُدا حزقي ايل کي هڪ خواب ڏنو. خُدا جو جلال هڪ وڏي روشني ۾، چار پرندڙ جاندار مخلوق جي صورت وانگر ظاهر ٿيو. هر هڪ کي چار منهن ۽ چار پرن سان هئا. انهن جي مٿان هڪ خوبصورت نيلم جو تخت هو، جيڪو پرندڙ قوس قزح وانگر روشنيءَ سان پريل هو. جڏهن حزقي ايل اهو ڏٺو، ته هو پنهنجي منهن ڀهر ڪري پيو.



3

خُدا حزقي ايل سان ڳالهايو. "اي آدمزاد آءٌ تو کي بني اسرائيل ڏانهن يعني اُنهي باغي قوم جهن مون سان بغاوت ڪئي ڏاهن موڪليان ٿو." هڪ هٿ، هڪ طومارڪنيو ظاهر ٿيو، "هي طومار کائو." خُدا فرمايو، ۽ وڃ، بني اسرائيل سان ڳالهايو. ڪهڙو عجيب حڪم آهي! پر حزقي ايل فرمانبرداري ڪئي، ڪتاب کائي ۽ ويو.



4

خُدا جو روح حزقي ايل کي مٿي کڻي ويو ۽ ڪيس قيدي يهودين ڏانهن وٺي ويو، جيڪي خُوبار نديءَ جي ڪناري تي هڪ بئي هنڌ رهندا هئا. ستن ڏينهن تائين هو اتي ويٺو رهيو، جتي اهي ويٺا هئا، هن جيڪي ڏٺو، حيران ٿي ويو. پوءِ خُدا حزقي ايل کي سنڀاليندڙ بڻايو. هن کي بدڪار ماڻهن کي خبردارڪرڻو هو ته خُدا جي نافرماني نه ڪن.



5



حزقي ايل ڪيتريون ئي عجيب شيون ڪيون جيڪي خُدا جي ڪلام کي ماڻهن ڏانهن واضح ڪن. هن مٽيءَ جي هڪ سِرجي ٽڪري تي يروشلم جي تصوير چٽي. ٿي سگهي ٿو ماڻهو هن جي ڪلهن تان ڏسي رهيا هئا جڏهن هن يروشلم جي چوڌاري هڪ طاقتور فوج جا انگ اکر ڪڍيا. هو ڏيکاري رهيو هو ته خُدا جو پاڪ شهر جلد تباهه ٿي ويندو.

6

اسرائيل، اتر جي بادشاهي، ٣٩٠ سالن تائين خُدا جي نافرماني ڪئي، ۽ يهوداه، ڏکڻ بادشاهي، 40 سالن تائين. اهو ئي سبب آهي ته اسرائيل کي تباهه ڪيو ويو هو ۽ يهوداه جلد ئي زوال ۾ ايندو. خُدا حزقي ايل کي چيو ته هن جي کابي پاسي تي ٣٩٠ ڏينهن تائين ليٽيو، پوءِ هن جي ساڄي پاسي 40 تائين، ماڻهن کي انهن جي گناهن جي سالن جي ياد ڏياري وڃين.



7



ٿي سگهي ٿو ته ماڻهو سوچڻ لڳا ته حزقي ايل ڏاڍو عجيب ماڻهو هو. هن اهو سڀ ڪجهه ڪيو جيڪو خُدا ڪيس ٻڌايو هو. هڪ ڏينهن، هن پنهنجا وار منڊايا ۽ ان جو ٽيون حصو ساڙيو. اهو ظاهر ڪرڻ هو ته يروشلم جي ماڻهن جو ٽيون حصو بيماري ۽ ڏڪار جي ڪري مري ويندو جڏهن بابل جي فوج شهر تي حملو ڪيندي.



8


حزقي ايل پنهنجي وارن جو ٻيو ٽيون حصو ورتو ۽ ان کي تلوار
سان ڪٽي ڇڏيو. اهو ظاهر ڪرڻ هو ته ماڻهن جو ٽيون حصو
دشمن جي تلوارن سان مري ويندو. آخري ٽيون، حزقي ايل واءَ
ڏانهن اُڇلايا. پر هن پنهنجي ڪپڙن جي هيم ۾ ڪجهه وار
سيلائي ڪري ڇڏيا ته جيئن انهي نشان جي طور تي خُدا پنهنجي
ماڻهن مان ڪجهه کي
محفوظ رکندو
۽ انهن کي وعدي
واري ملڪ ڏانهن
واپس آڻيندو.
9


هن بهادر نبيءَ قيدي يهودين کي ٻڌايو ته شيون
وڌيڪ خراب ٿينديون، اهڙو بهتر نه جيئن
انهن جي اميد هئي. ماڻهو حزقي ايل تي
ناراض ٿي ويا، پر هو خُدا جو
ڪلام ڳالهائيندو رهيو. هڪ
ڏينهن، جڏهن هو بني اسرائيل
جي بزرگن سان گڏ ويٺو هو،
خُدا حزقي ايل کي هڪ خواب
ڏنو. خواب ۾، خُدا هن
کي پنهنجي وارن
کان کنيو ۽
کيس يروشلم جي
هيڪل ڏانهن وٺي ويو.
10


هيڪل ۾، خُدا حزقي ايل کي سرندڙ ۽ ناپاڪ ڪراهت جهڙا
جانور ۽ بت ڏيکاريا. اهي ڪڏهن به خُدا جي هيڪل ۾ نه
هجن ها.
11


اڳواڻ خُدا جي بدران انهن جي پوڄا ڪري رهيا هئا. خُدا پڻ
حزقي ايل کي ڏيکاري ٿو ته سندس جلال هيڪل کي ڇڏئي
رهيو هو. ۽ اهو تباهه ٿي ويندي. جڏهن خواب مڪمل ٿي ويو،
حزقي ايل يهودين کي ان بابت ٻڌايو.
12


جيڪو ڪُجه خُدا چيو سڀ ڪجهه سچو ٿيو. يروشلم تباهه
ڪيو ويو. ڪيترائي ماڻهو مري ويا. جڏهن يهودي جيڪي
بابل ۾ قيد هئا، اهو ٻڌو، اهي حيران ٿي ويا ته ڇا خُدا پنهنجي
قوم کي هميشه لاءِ ڇڏي ڏنو آهي.
13


پر خُدا پنهنجي نبي کي هڪ ٻيو پيغام
ڏنو. هن حزقي ايل کي سڪل هڏن... انساني
هڏين سان ڀريل هڪ وادي ڏانهن وٺي ويو.
14

"ابن آدم، ڇا اهي هڏا جئيرا رهن ٿا؟" خُدا حزقي ايل کان پڇيو. "اي خُداوند خُدا، توهان کي خبر آهي،" حزقي ايل جواب ڏنو. يقينا، سڪل هڏا زندگي ڏانهن واپس نه ٿا اچن.



15

خُداوند فرمايو، "انهن هڏن کي پيشنگوئي ڪر، ۽ چئو 'اي سڪل هڏا، ٻڌو خُداوند جو ڪلام، ته توهان جيئرو ٿيندؤ.'" جڏهن هن جي فرمانبرداري ڪئي، حزقي ايل هڪ وڏو آواز ٻڌو. توهان ڇا سوچيو ان جو سبب ڇا بڻيو؟



16

جڏهن نبيءَ جن ڪين حيراني سان ڏٺو ته هڏا جسم ٺهڻ لڳا.



17

ان کان پوء، گوشت انهن تي آيو.



18

۽ چمڙي انهن کي ڍڪي ڇڏيو، پر انهن ۾ ڪو دم ڪونهي.



19

خُداوند فرمائي ٿو، "اي ابن آدم، پيشنگوئي ڪر ۽ چئو ته 'سِيني طرف کان واءُ اچي، اي آدم، انهن ۾ ساهه ڦوڪيو، ته جيئن اهي جيئرا رهن.'" جڏهن حزقي ايل اهو ڪيو، زندگي انهن ۾ آئي. اهي زندهه رهيا ۽ پنهنجن پيرن تي بيٺا. هڪ وڏو لشڪر هاڻي وادي کي پري ڇڏيو.



20

خُدا چاھِي ٿو ته يھودين بابل ۾ نا اُميدي محسوس ڪري رهئا
هُيا جڏهن يروشلم جو زوال ٿي ويو. هن حزقي ايل جي خواب ۾
هڪ پيغام موڪليو. "اهي هڏا سچي بني اسرائيل جا گهرانه
آهن،" خُدا فرمايو. "مان توهان ۾ پنهنجو روح وجهي ڇڏيندس،
۽ توهان کي
توهان



جي پنهنجي
ملڪ ۾ جاءِ
ڏيندس."

21

خُدا جي طرفان اميد جو هڪ عظيم پيغام!حزقي ايل جي ذريعي
خُدا جا واعدا پورا ٿي ويا جڏهن يھودي بعد ۾ پنهنجي ملڪ
ڏانهن موٽيا. انهن کي خبر هئي ته خُداوند خُدا انهن کي گهر



وٺي آيو آهي. خُدا
جو ڪلام هميشه
پورو ٿئي ٿو.

22

حزقي ايل: خوابن وارو ماڻهو

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

حزقي ايل

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

23



ختم

29

60

24

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين کي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٺ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۡ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاء مري ويوۡ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءَ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.

25